پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# جمال ابڙي جو افسانوي فن


## *Abstract*

**Jamal Abro's Art of Fiction**

*Jamal Abro is pioneer of Sindhi short story, when we study and asses the status of Jamal Abro in galaxy of Sindhi short story writers, he stands at higher level. His short stories contain unity of action, brevity of description and simplicity of language.*

*Jamal Abro has selected his characters from lower strata of life, poor people, down trodden, victims of social life, poverty and neglected persons, both male as well as female; that is why some of his stories are called character-oriented. Further those characters have been depicted very clearly, looking at the realities of their lives, Social conditions, contemptible, outlaws, murderers etc. From other real life as described by Jamal Abro, those can be compared with the characters of Russian literature, where a character is depicted in its reality and totality of Social conditions,l instead of story or plot.*

*In order to make the description self-speaking and vivid, references have been taken from his short stories along with comments of some scholars, viz: Agha Saleem, Shamsuddin Ursani, Rasool Bux Palijo, and Rashid Bhatti… etc.*

*Jamal Abro have not only pinpointed the problems or deeds, but he has given the lesson or guidance for struggle, fight for achievement of the rights.*

*Jamal Abro, though, have written small number of short stories, but those are very useful, amazing and though provoking, that is why he stands high in the company of his co-thinkers.*


**جمال ابڙي** کي جيڪڏهن جديد افساني جو باني چئجي ته کو وڌاءُ نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ورهاڱي کان ترت پوءِ جن ڪهاڻيڪارن سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ نمايان ڪردار ادا ڪيو، تن ۾ جمال ابڙي جو نالو ٻين کان مٿيرو نظر اچي ٿو. هن سنڌي سماج ۽ ان جي چوڌاري زندگي ۽ ماحول کي پنهنجن افسانن ۾ جيئرو جاڳندو ۽ متحرڪ ڪري پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ جمال، زندگيءَ جو ترجمان افساني نگار آهي. زندگي، جنهن جا اڻکٽ سلسلا، بي حساب جلوا ۽ ڪيئي رنگ ۽ روپ آهن، تن کي جمال ابڙي پنهنجن افسانن ۾ نهايت سادگيءَ، سچائيءَ ۽ اختصار سان پيش ڪيو آهي، جڏهن ته معاشرتي ڏاڍ، ڏتڙيل عوام جي اهنجن ۽ سورن، ڏکن ڏاکڙن، لاچاريءَ ۽ بي وسيءَ جي چٽن کي به نهايت اثرائتي انداز ۾ چٽيو اٿس.

ڪهاڻيءَ جي هڪ خوبي اختصار آهي ۽ جمال ابڙي ان خوبيءَ کي خوب نڀايو





آهي. هن وٽ نه فقط مواد ۾ اختصار آهي، بلڪ موضوع ۾ به اختصار نظر اچي ٿو. ننڍڙيون ڪهاڻيون، ننڍڙا ننڍڙا دلڪش دل ۾ لهي ويندڙ جملا، مختلف ۽ متضاد رنگن ۽ انگن سان، سندس ڪهاڻين مان ليئا پائيندا نظر اچن ٿا.

جمال ابڙي پنهنجي همعصر افسانا نگارن جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ لکيو آهي. شروعاتي ڏهاڪي ۾ گهڻو متحرڪ ۽ تخليق ڪندڙ ڪهاڻيڪار 13 ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين ادب جي افق تان پري رهيو. ايتري مختصر ادبي پورهئي هوندي به جمال ابڙو سنڌي ادب ۾ پنهنجي همعصرن توڙي موجوده دور ۾ به ادب جي افق تي چمڪندڙ دائمي تاري جي حيثيت رکي ٿو. ڪيترن ئي اهم ڪهاڻيڪارن ڪانئس اتساهه ورتو ۽ ادب جي دنيا ۾ اهم جڳهه والاري.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو 'پشو پاشا' پهريون ڀيرو زندگي پبليڪيشن پاران 1959ع ۾ شايع ٿيو، جڏهن ته سندس تخليقي سفر ڏهاڪو کن سال اڳ شروع ٿيو هو ۽ سندس پهريون افسانو 'هو در هو' 1949 ۾ هفتيوار رسالي 'طوفان' حيدرآباد ۾ شايع ٿيو هو. ان وقت جمال، گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جو شاگرد هو. ان کان پوءِ سندس ڪهاڻيون 'پيراڻي'، 'خميسي جو ڪوٽ' ۽ ٻيون ڪهاڻيون ڇپجي پڌريون ٿيون.

جمال ابڙي جون ڪهاڻيون، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي نمائندگيءَ جو حق ادا ڪندي نظر اچن ٿيون. سندس ڪهاڻين جو اهم موضوع سنڌ جو غريب، پيڙهيل ۽ ڏتڙيل انسان آهي، جنهن جي زندگي پنجوڙ ۾ جڪڙيل آهي، پر تنهن هوندي به هُو ان پنجوڙ سان مهاڏو اٽڪائيندو رهي ٿو. ان پنجوڙ کان آجپي لاءِ سندس جاکوڙ لڳاتار هلندڙ آهي.

حقيقت ۾ جمال تڪي اُس توڙي ڇانوري جي ان راند ۾ پيڙهجندڙ عام ماڻهوءَ جو ڪهاڻيڪار آهي. سنڌ ۾ صدين کان غربت، مفلسي ۽ ناآسودگيءَ جي گهاڻي ۾ پيڙهجندڙ عام ماڻهو، جن مسئلن جو شڪار آهن، سنڌي ڪهاڻيڪارن انهن معاملن ۽ مسئلن کي ڀرپور نموني پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. جمال ابڙو انهن سڀني ۾ هڪ منفرد ۽ مٿانهون مقام رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو عام رواجي موضوعن مان ڪنهن به هڪ اهڙي رخ جي سڃاڻپ ڪري، ان کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو عنوان بڻائي ٿو، جتي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بين جي نظر نٿي پهچي. سنڌي سماج ۾ ڏاڍ، جبر، پرماريت، زوري، زبردستي، ناانصافي، سماجي اڻبرابري، پيري مريدي، ڪارو ڪاري، غير انساني ناهموارين جي نمائنده ڪردارن يعني وڏيرن، زميندارن، جاگيردارن، ٺڳ پيرن ۽ انهن جي پاڙيتن کان سڀ چڱيءَ پر واقف آهن. صدين تي ٻڌل ان دردناڪ ڪهاڻيءَ جو سورمو ته غير هاري، پورهيت، بي وس، لاچار ۽ مظلوم انسان آهي، جيڪو هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهي ڏاڍ ۽ ظلم جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل آهي ۽ جنهن جي ڇوٽڪاري ۽ آجپي جي واٽ نظر نٿي اچي. جمال ابڙي اهڙن ئي ڪردارن جي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي.

سراج الحق، جمال ابڙي جي افسانن تي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"جمال، سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي، جيڪي نه رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا، پر ادب جي عمارت کي بازنطيني ۽ رومن ڪالمن وانگر وجاهت ۽ حسن به بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻي جي ارتقا جمال کان سواءِ سمجهڻ جيڪڏهن ناممڪن نه ته محال ضرور آهي."(1)

شمس الدين عرساڻي جي چواڻي، جمال ابڙي جي حقيقت نگاري نئوس انداز ۾ ملي ٿي، پاڻ لکي ٿو:

"ورهاڱي بعد جمال ابڙو پهريون ئي فنڪار آهي، جنهن فن ۽ مقاصد ۾ ظاهر ظهور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪانئس اڳ ۾ ڪجھ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون، ليڪن انهن جي منظم وجود جو ثبوت ڪو نه ٿو ملي. جمال ابڙي وٽ، حقيقت نگاري روسي اديبن وانگر بلڪل نئوس ملي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان ڪٽي ٿو، جيڪي زندگيءَ جا نهايت ئي بدزيبا روپ آهن."(2)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيس پنهنجي همعصرن سان ڀيٽيندي دعويٰ ڪري ٿو ته، جيڪو مقام جمال ابڙي کي نصيب ٿيو آهي، سو سندس ڪنهن به همعصر نه ماڻيو آهي.

"مون کي هن دعويٰ ڪرڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس نٿي ٿئي ته سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ واري صنف ۾ جمال ابڙي کي جيڪو مقام حاصل ٿيو، سو سندس همعصرن ڪهاڻي نويسن مان ٻئي ڪنهن کي به حاصل ٿي نه سگهيو، جيتوڻيڪ ترت پوءِ سنا ۽





قداور ڪهاڻي نويس پيدا ٿيا. جمال صاحب جي اهڙي ڪاميابيءَ جو راز، سندس ٻولي، لفظن جو انتخاب، سندس انداز بيان، سندس ڪردارنگاري، حقيقت نگاري، ماحول جي عڪاسي ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس ڪم آندل ٻوليءَ جي حسناڪي آهي."(3)

جمال ابڙي جي افسانن ۾ ڏاڍ ڪندڙ ۽ ڏاڍ سهندڙ، ٻنهي قسمن جا ڪردار پنهنجي اصلي رنگ ۾ اسري آڏو اچن ٿا. سندس ڪهاڻي 'شاهه جو قر' ان ڏاڍ ۽ زيادتيءَ جي آڪاڻي ڏسي ٿي، جيڪا صدين کان سنڌ جي ابوجهه عوام تي هٿ ٺوڪي مذهبي عقيدن جي نالي تي ٿي رهي آهي. سيد پيرل شاهه، جيڪو هٿ ٺوڪي عقيدت جي تڪبر، غرور ۽ پاڻ پڏائڻ ۽ پاڻ کي عام انسانن کان مٿانهون سمجهي ٿو، جنهن کي عام ماڻهن جي احساسن، جذبن ۽ خيالن جي ڪا پرواهه ڪانهي، ان جي پيٽ ۾ 'مريم' جو ڪردار آهي، جيڪا ننڍڙي جيتامڙي مڪڙيءَ سمان ناز ڪري، نه اٿس چل نه ڦند ۽ مستن جيان نعرا هڻندي ٿي وتي "ماما – ماما." ڪير شاهه جو قر آهي يا گدا جو، ڪيس ان جي پرواهه ئي ڪانهي، جي ڪير جهليس ته به چا مڙندي، اصل نه، هوءَ ته ازلئون اصول ڪٽي آئي آهي ته "انسان سڀ هڪجهڙا آهن، ڪير ذات پات جي آڌار تي ننڍو يا وڏو ڪونهي."

"اڄ ممڙيءَ ويچاريءَ کي پئسو ڪونه مليو هو. پريان پيرل شاهه پي آيو، پهريائين ته هيسجي ويئي، پر پوءِ ٻانهن سڌي ڪري، ننڍڙو هٿ وڌائي، ڪنڌ لاڙي، ايلاز سان چيائين، "ماما پئسو ڏي". شاهه کي جڻ ٽاٻو اچي ويو! ٻانهون لوڏيائين، مٿو لوڏيائين، ڪنڌ اچا به مٿيرو ڪيائين. "ماما!" شاهه کي گف وهڻ لڳي، ٻاهه تي ويو. "ڪتي جي ڌيءُ ..... تنهنجي ته ....." ممڙي هار مڃڻ تي هريل ئي ڪونه هئي. هڪدم نوشو ناهي، هينئين چپ کي چڪ هڻي، اکيون ڦوٽاري بيهي رهي. چيائين "ممڙا" پر اڄ سندس مقابلو ڪنهن ٻئي جانور سان هو. شاهه ٻگهڙ واري رومڙ ڪيو سڌو هليو آيو. "امتڻ تي اهلبيت کي مامو ڪري؟" هڪ ئي لت سان ممڙي ليٽڙيون پائيندي ويئي. ڪانئس هڪ دانهن نڪتي. "شائين" شاهه سجو ڪاوڙ ۾ پئي ڏڪيو، چئن ڇڻن تي جهليس. چي: "اهلبيت کي مامو" "اهلبيت کي مامو" جيئن ٿي شاهه ان تي غور ڪيو، تيئن ٿي ڪيس اها گار وڏي نظر آئي.

پيءُ پنهنجي ڌيءَ جي مٿان ويٺو رهيو. ممڙي اکيون کولي پيءُ کي دانهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏني. ”ماما ..... شائين .... پيشو“ پٽس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار ڪڙو ٿي ويو. هن اصل نہ رنو. سندس بدن مان چٽگون ٿي نڪتيون. هن جون ناسون ڦوٿارجي ويون. مکون پيڙجي ويون. ڏند ڏندن سان ملي ويا. اکيون هڪ هنڌ کپي ويون. ويون نڏيون ٿينديون، ويون نڏيون ٿينديون. چڙ تہ ڪات هٿا ۽ چيائين تہ ”شاهہ جو ڦر“.

ان ڪردار تي تبصرو ڪندي شيخ حفيظ لکيو آهي تہ ”هڪ اهڙي دل ڏاريندڙ واقعي کي جڏهن پنهنجي ڪهاڻي ۾ جمال ابڙو پيش ڪري ٿو تہ پڙهجندڙ جا وار بہ ڪاندارجيو ٿا وڃن ۽ معصوم مريم جي دلي جذبن، ڌڪار ۽ نفرت جو بہ ڀرپور احساس ملي ٿو.“

”مريم هار نہ مڃيندي ۽ جڏهن مريم شاهہ جي ڦر جي لت ڪائي گولاٽيون هٽندي وڃي قبر ۾ پوندي تہ سوين هزارين ”مريمون“ سنڌ ۾ پيدا ٿي پونديون. شاهہ جي ڦر کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ساڳيو ”ماما ماما“ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو، ذات جا پيد پڄي پوندا، انسان انسان ۾ ڪو فرق ڪين رهندو ۽ هي مانداڻ مٽجي ويندو.“[4]

ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙي صدين کان دٻيل بي وسي، اندر جي آهہ، نفرت ڀريل گار کي اهڙي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو اها گار هٿ ٺوڪئي پيرل شاهہ جي سڄي اداري يعني پيرپرستيءَ جي نرڙ تي وڃي چنبڙي پئي آهي.

سنڌي عوام صدين کان غربت، بک ۽ افلاس جي پنجوڙ ۾ قاٿل آهي، ساڳئي وقت کين پيرپرستيءَ جي غلاميءَ جو بار بہ کين پنهنجي ڪلهن تي ڪٽڻو پوي ٿو، جيڪي نسلن کان اهي بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو پيا گهمن ۽ هٿ ٺوڪيا پير پنهنجي هٿ ٺوڪي بزرگي ۽ سادات هجڻ جي ڍونگ وسيلي اٻوجهہ عوام جو استعمال ڪندا پيا اچن، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن جي دلين ۾ انهن هٿ ٺوڪين پيرن ۽ مرشدن خلاف محبت ۽ عقيدت بہ ڦري، هڪ گار جي صورت اختيار ڪري ٿي. ’شاهہ جو ڦر‘ انهن ٽن لفظن ۾ صدين کان دٻيل نفرت ۽ گار کي جنهن حسناڪيءَ ۽ فن جي مهارت سان جمال ابڙي پيش ڪيو آهي، اهوئي ان ڪهاڻيءَ جو هڙ حاصل آهي.

’شاهہ جو ڦر‘ انهن جيئرين جاڳندين ڪهاڻين ۾ مٿانهون مقام رکي ٿي، جن کي نہ وقت لٽي سگهيو آهي ۽ نہ وقت ۽ زماني جون حالتون ان جي جوڙجڪ ۽ تاثر کي





گهٽائي سگهيون آهن. ان جملي ۾ جنهن مهارت ۽ نفرت جو اظهار اپري اچي ٿو، ان جو هڪ پهلو اهو بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ڦر‘ جو لفظ انساني اولاد نہ پر، جانورن جي اولاد لاءِ ڪتبيو وڃي ٿو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي جڏهن تورتڪ ڪئي ٿي وڃي تہ ’شاهہ جو ڦر‘، پنهنجي مقبوليت ۽ قبوليت جي مٿانهين درجي تي نظر اچي ٿي، نہ فقط اهو بلڪ ان ۾ جمال جو فن بہ پنهنجي معراج تي نظر اچي ٿو.

جمال ابڙو حقيقت نگار فنڪار آهي. حقيقت نگاري مختلف منزلون ماڻيندي وٺس پهتي آهي، پر حقيقت نگاريءَ کي هن نئين معنويت ڏني آهي ۽ پنهنجي همعصرن جيان هن سنڌي معاشري جون جيئنديون جاڳنديون سچايون پيش ڪيون آهن. هن پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن ۽ پنهنجي چؤگرد پيش ايندڙ واقعن کي نهايت اثرائتي انداز ۾ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. سنڌ جي ڏتڙيل، اٻوجهہ ۽ غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ عوام جي احساس جي ترجماني ائين ڪئي اٿس، جيئن اهو سندس ذاتي درد هجي، پيڙا اڏما ڪائي ٻاهر نڪرڻ لاءِ هٿ پير هٽندي هجي.

جمال ابڙي معاشري جي صورتحال کي جيئن جو تيئن پيش نہ ڪيو آهي، بلڪ معاشري ۾ هلندڙ ۽ غير محسوس ٿيندڙ ڦير گهير تي بہ نقادانہ نظر رکي ٿو ۽ انهن ڦيرن گهيرن کي پنهنجي اظهار جو موضوع بڻائي ٿو. سندس ڪهاڻيون پشوپاشا ۽ بدمعاش، انهن بدلجندڙ معاشرتي صورتحال جون بهترين عڪاس آهن.

”پشوپاشا هڪ عام رواجي ڏتڙيل نوجوان جو ڪردار آهي، جيڪو زندگيءَ جا ڏک ڏاڪڙا، محروميون، ڏاڍ ۽ ظلم سهي وڏو ٿئي ٿو. زندگي ڪڙاڻ زهر بڻجي سندس رڳ رڳ ۾ پکڙجي وڃي ٿي ۽ هو معاشري ۽ روايتن کان باغي ٿي وڃي ٿو. هو سماجي اڻ برابرين خلاف هڪ اهڙي سرڪش بغاوت اختيار ڪري ٿو، جيڪا ڪنهن سياسي، اخلاقي ۽ سماجي پڌرنامي جو جزو ڪانهي بلڪ ٿهڪندڙ ۽ جذباتي ردعمل جو اظهار هجي ٿو. پشوپاشا جاگيردارڻي سماج جي هٿ ٺوڪئي اخلاقيات جي خلاف ڳوٺ جي وڏيري جي ڌيءُ سان عشق ڪري ٿو، پر ناڪام رهي ٿو. تنهن ڪري وڏيري جي ڏاڍ ۽ جوابي ڪارروائيءَ کان بچڻ لاءِ شهر پڄي وڃي ٿو، جتي پورهيتن جي انقلابي هلچل ۾ سرگرميءَ سان ڀرو وٺي ٿو ۽ پنهنجي جوشيلي انقلابي جدوجهد سان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معاشرتي قدرن کي لوڏي ٿو ڇڏي، تنهن ڪري سماج جو مقتدر طبقو، سرمائيداري حڪومتي ادارا سندس دشمن ٿي پون ٿا. آخرڪار هڪڙي ڏينهن پشو پڪڙجي وڃي ٿو ۽ مٿس ڪيل ۽ نه ڪيل ڏوهه مڙهي ڪيس هلايو وڃي ٿو ۽ ڦاهي چاڙهيو وڃي ٿو.

مٿين ڪهاڻيءَ جي ڏنل مختصر تت مان ان تاثر جو مڪمل اظهار ته نٿو ملي، جيڪو جمال ابڙي ڪهاڻيءَ ۾ تخليقي سطح تي پيدا ڪيو آهي. نقادن جي راءِ ۾ پشوپاشا هڪ مثالي ڪردار آهي، جيڪو معاشرتي پرماريت خلاف جاڪوڙيندو نظر اچي ٿو. اڻ برابري، سماجي ناانصافي، لڳاتار ذلت ۽ ڌڪار هڪ عام رواجي سنئين سڌي انسان کي به سماج کان باغي ڪندي دير نٿي ڪري. پشوپاشا هڪ اهڙو ئي ڪردار آهي، جيڪو وڏيري شاهيءَ خلاف جنگ جوٽي ٿو.

جمال ابڙي جنهن دور ۾ اهو افسانو لکيو، اهو جڻ ته ڪرداري افسانن جو دور هو. ڪانئس اڳ اياز قادري 'بلو دادا' ۽ غلام رباني آگرو 'شيدو ڌاڙيل' جهڙا ڪردار تخليق ڪري چڪا هئا. جمال ابڙي پاڻ به اعتراف ڪيو آهي ته مهراڻ رسالي لاءِ موڪليل پنهنجي ڪهاڻيءَ سان گڏ ابراهيم جوئي کي لکيل خط ۾ لکي ٿو "ادا سائين مون پنهنجو پشو اوهان طرف موڪليو آهي، اميد ته پهتو هوندو. مون "پشو" بلو دادا ۽ شيدو ڌاڙيل کان متاثر ٿي لکيو آهي، ڇوته انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ نهايت بلند آهي. منهنجو پشو نه ڌاڙيل آهي، نه داداگير، پر هڪ سنئون سڌو انسان آهي. آهن ته اهي ٽئي هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي ساڻن همدردي ٿئي ٿي چا؟ ايئن ته وڏيرو ۽ سيٺ به انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن، پوءِ انهن کي ولين (Villian) ڪري ڇوٿو پيش ڪيو وڃي؟ پوءِ ته اسان جي همدردي وڏيري ۽ سيٺ سان به هئڻ کپي. اسين ته منجهي ٿا پئون، ڇاڪاڻ ته انسان مسڪين آهي، تنهنڪري هو رحم جي لائق آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهه نٿي مڃي. مان پانيان ٿو ته اسان کي رحم جو ڳو ٿيڻ ئي نه کپي، اها انسان جي توهين آهي، انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو "ويچارو" ۽ "ڪين جهڙو" نه آهي، مفلسي ڪيس ماري نٿي سگهي."[5]

حقيقت ۾ جمال وٽ انسان ۽ انسانيت جو قدر آهي. هُو ان چڪر ۾ نٿو پوڻ چاهي ته ڪير غريب ۽ ڪير امير آهي، بلڪ سندس نظر ۾ سڀ انسان هڪجهڙا آهن، انهن جو مقام هڪڙوئي آهي، ڪين مسڪين ۽ رحم جو ڳو نه ڪيو وڃي.





جمال جنهن دور ۾ ادب سرجيو، اهو سنڌي ادب ۾ ترقي پسنديءَ جو دور هو ۽ جمال جي همعصرن جي اڪثريت ان تحريڪ جي اثر هيٺ هئي، پر جمال پنهنجي همعصرن ۾ پنهنجين ڪهاڻين جي فني خوبين ڪري نمايان مقام رکندڙ هو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي راءِ موجب:

"جمال ابڙو جي همعصر افسانه نگارن ۾ شيخ اياز، اياز قادري، غلام رباني آگرو، رشيد ڀٽي، حفيظ شيخ، ثميره زرين، مهتاب محبوب وغيره جا نالا اهم آهن. جيئن ته اهي سڀ ترقي پسند اديب هئا ۽ هنن ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ معاشي ۽ سماجي پسمنظر ۾ افسانا تخليق ڪيا، پر جمال ابڙي وٽ سماجي حقيقت نگاريءَ جو لاڙو، انهن سيني افساني نگارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ واضح انداز ۾ نظر اچي ٿو."[6] "پشوپاشا" جهڙي ڪردار جي تخليق به ترقي پسند تحريڪ جو اثر آهي.

رسول بخش پليجو 'پشوپاشا' جي ڪردار تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

'پشوپاشا' جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نه فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري به ڪري، اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسانجين آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري. ان جو مقصد، سماج جي غيرانساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهه ڏيکارڻ آهي. 'پشوپاشا' عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي."[7]

ڪجهه نقادن کي پشوپاشا جي نالي تي به اعتراض رهيو آهي ته اهو غير سنڌي نالو آهي، جڏهن ته جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي مسئلن، معاملن ۽ مونجهارن کي پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ پشو جي ڪردار کي ان دور جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي، جنهن دور ۾ ان کي تخليق ڪيو ويو هو ته اسان کي 'پشوپاشا' جو ڪردار پنهنجي وقت جي اهم سماجي ذميداري نڀائيندي نظر اچي ٿو، يعني صدين کان پيڙهيل، ڏتڙيل ۽ پنتي پيل ماڻهن ۾ جرئتمنديءَ وارو احساس پيدا ڪندي نظر اچي ٿو. آغا سليم پنهنجي هڪ ليک ۾ اهڙن ڪردارن (پشوپاشا) کي شريف بدمعاش Gentleman Rough ڪوٺيو آهي. جمال ابڙي پنهنجي هڪ ٻئي افساني 'بدمعاش' جو سورمو، جيڪو پشو جي ڀيٽ ۾ مختلف ڪردار آهي، تنهن جو تعارف بلڪل ڌار انداز ۾ ڪرائي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”هُو وڏو بدمعاش هو. پهرين نمبر جو. ڪوڙ، دغا، فريب ۽ چوري، ڌاڙو، هن جي ڏائي هٿ جا کيل هئا، چپٽين ۾ ڏوهه ڪري وٺندو هو. حرام جو قياس پويس. خار ۾ چپ ڪيو، بيٺو ڏسندو. هڪ پرون هيٺ، اک چنجهيل، ٻيو پرون مٿي، ڏند ڏندن سان مليل، ناسون ڦوٽاريو، چيتي وانگر شڪار تاڙيو بيٺو هوندو. بس بس ڪري وٺي حملو ڪندو. آنڊا ٻاهر. ڏائڻ جهڙي کهاڙي ڪلهي تي ڪنيو، شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو. شل نه ڪير ڪيس للڪاري.“

ان ڪردار جي تعمير ڪيئن واقع ٿي؟ ان جو منطقي جواز جمال ابڙي اڳتي هلي ڏنو آهي:

”ننڍي هوندي ڪان ئي نود هو. پٽس ڪٽي هڏ گڏ پيچي رکندو هوس، حرام جو سڌو ٿئي، ٻرڙاٽ پيا پوندس. لتون، مڪون، چنبا، گهل گهلان، هجيس ماءُ ته ڇڏائيس! نيٺ رڙيون ڪرڻ بند ڪيائين. پيو مار کائيندو، ڪڇندو ڪونه. پائيندو ته پيءُ جي ڏاڙهي پٽي رکي، پر ڏاڍو هوس. اوڙو پاڙو تپائي ڏنائين، پاڻ جيڏن کي سٽيو ڪٽيو هليو ويندو هو. ٻارن جا ماءُ پيءُ رڙيون ڪندا ايندا. هٿ ايندن ته ڪٽي رکندس، پنهنجو ٿورو ئي هئن! نه ته به پٽس کي دانهن ڏيندا. پٽس مان ئي ڪڪ! سڀ سور ساڙ هن مان ئي ڪيندو هو، ڏوهه ٻين جا مار هن تي، ”ڪو انهين ته ڪونه آيو هو.“ اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، ... ڏاڍو ساڙ ٿيندو هوس. چوندو هو، ”بيهه وڏو ٿيان!“

ڏاڍ ڪهڙيءَ ريت نفرت ۽ ڏاڍ کي جنم ڏيندو آهي ۽ جبر جي جواب ۾ انسان جي نفسيات ڪهڙي ردعمل جو اظهار ڪندي آهي؟ جمال ابڙي پنهنجي افساني ’بدمعاش‘ ۾ ان اهم سوال جي جواب ۾ نهايت اثرائتي ۽ جيئري جاڳندي تصوير چٽي پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ نه فقط ڪهاڻيءَ جي سورمي جي شخصيت ليئا پائيندي نظر اچي ٿي، بلڪ سڄي معاشري جو عڪس جهلڪندو نظر اچي ٿو. اهو افسانو نهايت نازڪ، بامعنيٰ ۽ متحرڪ تصويرن سان اُٽيو ويو آهي ۽ هلڪن ڦلڪن Touches وسيلي معنادار منظر کي اپاريو ويو آهي. سڄي ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪو جهول ۽ جذباتي ڏڦيڙ نظر نٿو اچي، ۽ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي به نهايت اثرائتي انداز ۾ ٿئي ٿي:

”ڪيس سنتر جيل تي موڪليو ويو. لُولو جمعدار جيلر بڻجي چڪو هو، هن ڪيس چوڪنبو ٻڌايو. ڪيس اگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنڊي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري





سنترن جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏنڊي ڪڍي ويئي، رت وهي هليو، چيائون ته سوري هيس. لُولي جيلر ڪيس ٺڏو هنيو، چيائين ته ”بدمعاش!“

ڏاڍ ۽ جبر خلاف مزاحمت ۽ احتجاج جو انداز جمال ابڙي جي اڪثر افسانن ۾ نظر ايندو آهي. ’شاهه جو ڦر‘، ’پشوپاشا‘ ۽ ’بدمعاش‘، ٽنهي ڪهاڻين ۾ احتجاج ۽ مزاحمت جي هڪ ٻي آواز لهر نظر اچي ٿي. حقيقت ۾ اهو هڪ ماٺو، پر اثرائتو احتجاج آهي، جيڪو صفا بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جي عالم ۾ بنا ڪنهن آواز جي فقط اکين ۾ نفرت جي چمڪندڙ چڻگن، چپن وسيلي ڏنل گار ۽ ٻي حسيءَ جي اظهار وسيلي به درج ڪرايو وڃي ٿو.

’پيراڻي‘ جمال ابڙي جي هڪ لازوال ۽ نه وسرندڙ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي مختصر ترين ڪهاڻين ۾ ليکي وڃي ٿي، جنهن ۾ موضوع ۽ مواد، ٻنهي جي اختصار جو بهترين مثال آهي.

جمال ابڙي ڏتڙيل زندگيءَ جي هڪ وڏي ۽ دل ڏاريندڙ الميي کي نهايت مختصر پر اچرج ڏياريندڙ انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ بروهين جي هڪ ڪٽنب جو احوال ڏنل آهي، جيڪو سياري جي مند گذارڻ لاءِ جبلن تان لهي، سنڌ ۾ داخل ٿين ٿا. اهي پيڙهيل ۽ ڏتڙيل پورهيو ڪندڙ، پنهنجي جياپي لاءِ ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان گريز ڪونه ٿا ڪن. سنڌ ۾ پلال جي جهوپڙين ۾ ويٺا، پلال تي سمهيا ۽ پلال جا جوتا ٺاهي پاتائون. بانس جون لٺيون ۽ ڏاسن جا رسا وڪيائون، عيدون ڪيائون ۽ ڪيٽون ڪديائون، بک ۽ غربت انهن جي نصيب ۾ لکيل هئي. سندن ٻارن جي مٿين شين کائڻ جي خواهش ڪڏهن پوري نه ٿي. پيراڻي، ان ڪٽنب جي 9 سالن جي نياڻي آهي، جنهن کي سنڌ مان ويندي ويندي 60 روپين جي عيوض ڳوٺ جي وڏيري کي وڪيو ويو. غربت ۽ مفلسيءَ جي انتها، جو جگر جو ٽڪرو به رڳو وِڪائو شيءِ جي صورت اختيار ڪري ويئي. پيراڻيءَ جون هنيانءَ ڦاڙيندڙ دانهون ۽ ماءُ جو هنيانءُ ڦسي پوڻ، اهڙا منظر آهن، جن کي جمال ابڙي نهايت سهڻي، اثرائتي ۽ دل ڏاڙيندڙ انداز ۾ چٽيو آهي، جو پڙهندڙ جي دل به اوچنگارون ڏيڻ لڳي.

ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي هڪ زبردست ارتعاش تي ٿئي ٿي:

”مٿيءَ ۾ پيل پيراڻيءَ سڄي رهيل طاقت سان چيخ ڪئي .... مائي پاڳل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي ننڍڙيءَ ڌيءَ کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتو. ٻڪريءَ کان اپا ڪري ٻيڪاڻ ڪيو ۽ پنهنجي ڦر کي چٽڻ لڳي. پيراڻي اڄ به جيئري آهي. سندس هڪ پٽ پوليس وارو آهي ۽ ٻيو جيل ۾ آهي."[8]

ڪاروڪاري جي موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، نه فقط ڪهاڻيون بلڪ شاعري، مضمونن ۽ اخباري ڪالمن وسيلي به ان ناسور تي ليکڪن ۽ شاعرن پنهنجي نفرت ۽ سوچ جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي. جمال ابڙي به ان موضوع تي پنهنجن ويچارن کي 'سينڌ' نالي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي:

"ماڻس به قرآن کڻي آڏو جهليس، ماءُ کي ڏکو ڏيئي پري ٿيلهيائين، لت پيٽ جي ڪلهي تي ڏيئي سندس مٿو ڇڏائي پري ڪيائين. اول چار آڱريون، پوءِ ڪنڊ. ماءُ ۽ قرآن رتورت. پاءُ ۽ ماءُ گڏجي نياڻيءَ جو اڳٺ ڪولي سٿڻ لاٿي، پاءُ دهنبو هنيو. اسپتال جو لاش-گهر، ڪپيل چوٽي، چاقن جي چرچر، ڀنگي، ڊاڪٽر، مکين جي ڀون ڀون، ننگي ڇاتي، ادي، پيٽ، نياڻي، ست قرآن."[9]

ڪاروڪاري جي عنوان تي جمال ابڙي جي اها هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. ڪاروڪاري جي رسم نه سنڌ جي آهي، نه سنڌين جي. اها حقيقت ۾ بلوچ قبيلن جي رسم آهي، جنهن کي اٿڙهيل ڳوناٺي ماحول ۾ رهندڙن پنهنجايو آهي. جنهن سنڌي سماج ۾ خاص ڪري ٻهراڙين جي رهواسي عورتن ۾ خوف ۽ ڊپ جي هڪ ڏهڪائيندڙ فضا قائم ڪئي آهي. جمال ابڙي هن افساني ۾ ڀرپور ڪردار نگاري ڪئي آهي ۽ جمال ابڙي جي سادي ۽ عام فهم اسلوب ان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ جاندار بڻائي ڇڏيو آهي ۽ بهترين منظرنگاري ڪندي هڪ بيوس عورت جي لاچاريءَ ۽ بيوسيءَ جي دل ڏاريندڙ تصويرڪشي ڪئي آهي.

جمال ان افساني وسيلي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪاروڪاري جي ان ڪاري رسم ۽ رواج هزارين اڀوجهه، مسڪين ۽ لاچار عورتن کي ڪاري جي قصور ۾ قتل ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو اڃا ئي ڪيتر هلندو رهندو ۽ اڃا ئي ڪيترين معصوم ۽ اڀوجهه نياڻيون مردن جي ڪوڙي انا جي ور چڙهنديون رهنديون. جمال ان اهم مسئلي تي قلم کڻي هڪ دردناڪ انداز ۾ ان جي نشاندهي ڪرائي آهي.

فرشتو به جمال ابڙي جو هڪ بهترين ۽ شاهڪار افسانو آهي، جيڪو مارشل





لا جي دور ۾ لکيو ويو، ان جو موضوع ان دور جي عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن ته 'ماءُ جي جهولي' پڻ جمال ابڙي جو هڪ بهترين افسانو آهي.

جمال ابڙي جي ڪردارن ۾ سخت ڏاڍ ۽ اذيتناڪ جاگيرداري قدرن ۾ به انسانيت ليئا پائيندي نظر اچي ٿي. اهڙن ڪردارن جي اعليٰ صورت پڙهندڙن کي 'ماءُ جي جهولي' ڪهاڻي ۾ نظر اچي ٿي. 'سنڌي ماءُ' سنڌ جو هڪ منفرد ڪردار آهي. ماءُ کٽي کهڙي به روپ ۾ هجي، وٽس زندگيءَ جو احترام، انسانيت ۽ ممتا موجود هجي ٿي. هڪ عورت جيڪا پردو ڪندڙ آهي، برقعو پائي به ٻين مردن جي هوندي گاڏيءَ مان نٽي لهي سگهي، اها ساڳي عورت هڪ معصوم ٻارڙي جي حياتي بچائڻ لاءِ اگهاڙي مٽي ٻاهر اچي ٿي. جمال ابڙي واقعي اهو لافاني ڪردار تخليق ڪيو آهي، جيڪو ممتا جي جذبن سان ٽمٽار آهي. جمال ابڙي ماءُ جي ممتا جي جذبن سان ٽمٽار ان ڪردار جي عڪاسي ڪجهه هن ريت ڪئي آهي:

"ائين ٺڪاءُ ڏيئي لوهي در کليو. هڪ بيگم صاحب، مٿو اگهاڙو، پير اگهاڙا، سَٽ ڏيئي نڪتي ۽ وڃي ٻار کي ڪڇ ۾ ڪنيائين. نيٺ سنڌيءَ ۾ ڇيائين، "شيرشاهه جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري، حياءُ نٿو اچيو!" ماڻهن کي اعتبار نه آيو. "هي تنهنجو ٻار آهي؟ تون هن جي ماءُ آهين؟" "ڇو؟ مان ماءُ نه ٿي لڳان!" مون کي به داءُ تي لڳايائين. ڇي، هي فلاڻي جو گهر آهي، شرم ڪيو! اتي مان به ماڻهن کي ڏکي اندر ٿيس. عجيب تشڪر ۽ اطمينان سان مرڪندي سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌم، چيم، "سرڪار اندر هلو!"

ڏنم ته ٻار کي ڇاتيءَ سان ڇنبڙائي ڇڏيو هئائين. چيم، "سرڪار ڀنگياڻيءَ جو ٻار!"

"ڀنگياڻي هجي ڪ پنجاپڻ، پناهگير... ماءُ جي جهولي ته خالي ٿئي ها نه؟"

مون ڏٺو سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ مائيءَ جا ڳوڙها ته اڻ ڳڻيا اڻ جهليا پيي وهيا.

مون باغ جي مٽي کڻي چميو، "سنڌ جي مٽيءَ کي سلام، سنڌوءَ جي متيالي پاڻيءَ کي سلام، گهوگهاري ۽ گنگهڙ جي سگڌاسين کي سلام!"[10]

جمال ابڙي جي هڪ ٻي ڪهاڻي 'ڪارو پاڻي' انسان ناتن جي هڪ چرڪائيندڙ ڪٿا آهي. هن ڪهاڻيءَ کي ٻولي، بيان ۽ احساسن جي خيالن کان ڪهاڻي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’پيراڻي‘ جي صف ۾ آڻي يا بيهاري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ان ڳالهه کي واضح ڪيو ويو آهي ته انساني تهذيب فراواني جو نالو آهي، ڏکر، بک ۽ اڄ جون حالتون، انساني تهذيب ۽ ناتن جون ويري آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ان ڳالهه کي به واضح ڪيو ويو آهي ته هڪ پاءُ، جيڪو جيتوڻيڪ پنهنجي وڏي ياءُ سان گهڻي محبت ڪري ٿو ۽ سندس خيال رکي ٿو، پر جڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته بک ۽ تڪليف وارين حالتن ۾ وڏي ياءُ کي ترجيح ڏجي يا پنهنجي اولاد کي، ته اهو ڪردار پنهنجي ٻارن کي ترجيح ڏيئي ٿو. جيتوڻيڪ ليکڪ ان ياءُ جي لاچاري، بيوسي ۽ ڪسمپرسيءَ کي پڻ نهايت اثرائتي انداز ۾ چٽيو آهي، پر ان سان صورتحال جي تلافي نٿي ٿئي ته ”پوئين ڏينهن پوڙهي سرير پاڻ اٿي وڃي ڪاري هيٺيان پاروٿو ٽڪر ڪنيو. عرس جي زال سٺ ڏيئي ڪسي ورتي! عرس بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو، ويچارو وڏو ياءُ محتاج ٿي مئو، هڏا رلي ويس.“

انساني بي حسيءَ جي اها جيئري جاڳندي تصوير، جنهن ڪربناڪ انداز ۾ جمال ابڙي چٽي آهي، تنهن تي پڙهندڙن جي اکين مان ڳوڙها پاٽمرادو ٽميو پون. رڳو ’ڪارو پاڻي‘ ئي نه، جمال جي هر افساني ۾ اهڙوئي احساس پڙهندڙن جي اندر ۾ پيهي وڃي ٿو، پوءِ اهو پيراڻي هجي يا خميسي جو ڪوٺ، سينڌ هجي يا بدمعاش.

هت جمال ابڙي جي سڀني ڪهاڻين جو جائزو ورتو ويو آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته جمال ابڙو ئي پهريون ليکڪ آهي، جنهن ڀرپور فڪري ۽ فني حسن سان پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماجي، خارجي ۽ ڳوٺائي زندگيءَ کي موضوع بڻايو آهي. هن کان اڳ جيتوڻيڪ مختصر ڪهاڻين، سماجي مسئلن ۽ موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، پر اهي سماجي شعور جي کوٽ ۽ فني ڪمزورين جي ڪري پنهنجي دور جي پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ تي ڀرپور تاثر نه ڇڏي سگهيون آهن. جمال ابڙي سنڌي سماج جي نبض تي هٿ رکي موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي. هن سنڌي سماج جي زندگي ۽ موت وارن مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي ۽ نهايت سچائيءَ ۽ خلوص سان پنهنجو تاريخي، قومي ۽ سماجي فرض نڀايو آهي.

## حوالا


1. سراج الحق، ”پشوپاشا“(بيڪ ٽائيٽل)، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، جون 1976ع.
2. عرساڻي، شمس الدين، ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1982ع، ص: 368.
3. ابڙو بدر، ”آئون به جاڳي پوندس – جمال ابڙو“، سهڙيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2009ع، ص: 436.
4. شيخ حفيظ، ”پشوپاشا“، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، جون 1976ع، تنقيدي خط، ص: 125.
5. ابڙو جمال، ”پشوپاشا“، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، جون 1976ع، ص: 103، ابراهيم جوئي ڏانهن لکيل خط.
6. عرساڻي، شمس الدين، ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
7. پليجو رسول بخش، ”پشوپاشا“، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، جون 1976ع، ص: 108.
8. ابڙو جمال، ”پشوپاشا“، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، جون 1976ع، ص: 19.
9. ابڙو بدر، ”آئون به جاڳي پوندس – جمال ابڙو“، سهڙيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2009ع، ص: 89.
10. ابڙو بدر، ”آئون به جاڳي پوندس – جمال ابڙو“، سهڙيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2009ع، ص: 94.






Shah Abdul Latif Bhitai Chair